
مدني منن جي لاءِ اسلام جي بنيادي معلومات تي مشتمل منفرد ڪتاب

DAWAT-E-ISLAMI

# اسلام جي بنيادي معلومات

(حصو پهريون)



پيشڪش:
مجلسِ مَدرَسةُ المَدِينه
۽
مجلسِ المَدِينةُ العلمية

سنڌي ترجمو: مجلس تراجم

مدني منن جي لاءِ اسلام جي بنيادي معلومات تي مشتمل منفرد ڪتاب

# اسلام جي بنيادي معلومات (حصو پهريون)

پيشڪش:

مجلسِ مَدرَسةُ المَدِينه ۽ مجلسِ المَدِينةُ العلمية

سنڌي ترجمو: مجلس تراجم
رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ


ڪتاب جو نالو : **بنيادي اسلامي معلومات** (حصو پهريون)

پيشڪش : **مجلسِ مَدرَسة المدِينہ ۽ مجلسِ المدِينة العلمية**

ڇپائي جي تاريخ :

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مڪتبة المدينہ جون مختلف برانچون**

| | |
|---|---|
| مڪتبة المدينہ: شهيد مسجدڪارادر بابالمدينہ ڪراچي | 021-32203311 |
| مڪتبة المدينہ: داتا دربار لاهور | 042-37311679 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مڪتبة المدينہ: فيضان مدينہ سکر | 071-5619195 |
| مڪتبة المدينہ: چڪرا بازار نوابشاهہ | 024-4362145 |
| مڪتبة المدينہ: رابعہ شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانہ | 074-4054191 |
| مڪتبة المدينہ: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |
| مڪتبة المدينہ: خضر حيات مسجد ٺٽو | |


مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

# ضمني فهرست

## اسلام جي بنيادي معلومات (حصو پهريون)


| مضمون | صفحو |
| --- | --- |
| تفصيلي فهرست | 4 |
| اَلمَدينةُ العِلمِيّة (تعارف) | 6 |
| پهريان هن کي پڙهو | 8 |
| حمد باري تعاليٰ | 10 |
| نعتِ مصطفيٰ | 11 |
| اَذڪار | 12 |
| دعائون | 15 |
| ايمانيات | 18 |
| عبادات | 34 |
| مدني گل | 40 |
| اخلاقيات | 45 |
| چڱاءِ برا ڪم | 45 |
| مدني مهينا | 46 |
| دعوتِ اسلامي | 47 |
| مَنقبت عَطار | 48 |
| وِرد ۽ وظيفا | 50 |
| منقبتِ غوث اعظم | 52 |
| مناجات | 53 |
| صلٰوة و سلام | 54 |
| دعا جا آداب | 56 |
| ماخذ و مراجع | 58 |



www.dawateislami.net

# تفصيلي فهرست

## اسلام جي بنيادي معلومات (حصو پھريون)


| | |
|---|---|
| اَلمَدينۃُ العِلمِيّۃ (تعارف) | 6 |
| پھريان ھن کي پڙھو | 8 |
| **حمد باري تعاليٰ** | |
| تو ہی مالکِ بحر و بر ہے یااللّٰہ یااللّٰہ | 10 |
| **نعتِ مصطفيٰ** | |
| آنکھوں کا تارا نامِ محمد | 11 |
| **اَذڪار** | |
| نماز | 12 |
| ثناء | 12 |
| تَعَوذ | 12 |
| تَسمِيَہ | 12 |
| ڪلما | 13 |
| پھريون ڪلمو طيّب | 13 |
| ٻيون ڪلمو شھادت | 13 |
| ٽيون ڪلمو تَمجِيد | 13 |
| درود شريف | 14 |
| **دعائون** | |
| قرآن پاڪ پڙھڻ جي دعا | 15 |
| بلندي تي چڙھڻ جي دعا | 15 |
| بلندي تان لھڻ جي دعا | 15 |
| پاڻي پيئڻ کان پھريان جي دعا | 15 |
| پاڻي پيئڻ کان پوءِ جي دعا | 15 |
| کائڻ کان پھريان جي دعا | 16 |
| کائڻ کان پوءِ جي دعا | 16 |
| سمھڻ وقت جي دعا | 16 |
| بيدار ٿيڻ وقت جي دعا | 16 |
| مسلمان سان ملاقات وقت دعا | 17 |
| مصافحو ڪندي وقت جي دعا | 17 |
| شڪريو ادا ڪندي وقت جي دعا | 17 |
| **ايمانيات** | |
| ايمان ۽ ان جي بيان جا قسم | 18 |
| ايمان مُجمَل | 18 |
| ايمان مُفَصَّل | 19 |
| الله عَزَّوَجَلَّ | 20 |
| اسان جا پيارا نبي | 21 |
| اسان جو دين | 23 |
| ارڪانِ اسلام | 24 |
| ملائڪ | 25 |




www.dawateislami.net

| | |
|---|---|
| انبياءِ مُرسلين | 26 |
| انبياء ڪرام جا معجزا | 28 |
| آسماني ڪتاب | 29 |
| صحابہ ڪرام | 30 |
| اولياءِ ڪرام | 32 |
| **عبادات** | |
| وضو | 34 |
| نماز | 36 |
| سنيون سنيون نيتون | 37 |
| **نعت شريف** | |
| مدینے مدینے ہمارا مدینے | 39 |
| **مدني گل** | |
| سلام ڪرڻ جا مدني گل | 40 |
| پاٽي پيئڻ بابت مدني گل | 41 |
| ماني کائڻ جا مدني گل | 42 |
| نِنڊ جا مدني گل | 43 |
| اوٻاسي جا مدني گل | 43 |
| ننهن ڪٽڻ بابت مدني گل | 44 |
| **اخلاقيات** | |
| چڱا ۽ برا ڪم | 45 |
| **مدني مهينا** | |

| | |
|---|---|
| اسلامي مهينن جا نالا | 46 |
| **دعوتِ اسلامي** | |
| بنيادي معلومات | 47 |
| **مَنقبت عَطار** | |
| عطّاری ہوں عطّاری | 48 |
| **وِرد ۽ وظيفا** | |
| تَسْبِيْحِ فَاطِمَہ | 50 |
| يَا سَلَامُ | |
| يَا وَهَّابُ | |
| يَا عَظِيْمُ | |
| يَا مُجِيْبُ | |
| يَا قَوِيُّ | 51 |
| **منقبتِ غوث اعظم** | |
| اَسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم | 52 |
| **مناجات** | |
| محبّت میں اپنی گُما یاالٰہی | 53 |
| **صلوٰة و سلام** | |
| مصطفےٰ جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام | 54 |
| دعا جا آداب | 56 |
| دعاءِ ماثوره | 57 |
| **ماخذ و مراجع** | 58 |



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اَلمَدينةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا**
**ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلحَمدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سجي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي، جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ بہ آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن كَثَّرَهُمَ اللّٰهُ تعالٰي تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

**(1) شعبہ ڪُتُبِ اعليٰحضرت** **(2) شعبہ درسي ڪُتُب**
**(3) شعبہ اِصلاحي ڪُتُب** **(4) شعبہ تراجمِ ڪُتُب**
**(5) شعبہ تفتِيشِ ڪُتُب** **(6) شعبہ تَخرِيج ڪُتُب**

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالمِ


www.dawateislami.net

شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده دؤر جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انهن جي ترغيب ڏيا رين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ ”دعوتِ اسلامي“ جي سڀني مجلسن گڏوگڏ ”المدينة العلمية“ کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي ڀلائي جي هر ڪم کي زيورِ اخلاص سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمين بجاهِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سارا هم ۾ سعادت

حضرت سيدنا امام عبدالله بن عمر بيضاوي عَلَيۡهِ رَحۡمَۃُ اللهِ القوی (متوفٰي 685ھ) ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندو آهي دنيا ۾ ان جي ساراهہ ٿيندي آهي ۽ آخرت ۾ سعادتمندي نصيب ٿيندي.

(تفسير بيضاوي پ 22 الاحزاب تحت الآية 71 ج 4 ص 388)

# پهريان هن کي پڙهو

قرآن شريف **الله** تعاليٰ جو آخري ڪتاب آهي. هن کي پڙهڻ وارو ۽ هن تي عمل ڪرڻ وارو ٻنهي جهانن ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ بيرون مُلڪ حِفظ ۽ ناظره جا بي شمار مدرسا ”مدرسةُ المدينہ“ جي نالي سان قائم آهن. صرف پاڪستان ۾ هي سٽون لکجڻ تائين اٽڪل **75,000** (پنجهتر هزار) مدني مُنّن ۽ مدني مُنين کي حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي. انهن مدرسن ۾ قرآن ڪريم جي تعليم سان گڏوگڏ ديني معلومات ۽ تربيّت جو بہ خاص خيال رکيو ويندو آهي تہ جيئن مدرسة المدينہ مان پڙهي فارغ ٿيڻ وارو شاگرد تعليمِ قرآن سان گڏوگڏ ديني اسلامي تعليمات سان بہ روشناس هجي ۽ ان مان علم و عمل پڻ ظاهر ٿئي، اهو حُسنِ اخلاق جو پيڪر بڻجي، بري پلي جي سڃاڻپ رکندو هجي، برين عادتن کان پاڪ ۽ چڱين وصفن جو مالڪ هجي ۽ وڌو تي معاشري جو اهڙو باڪردار مسلمان بڻجي جو سموري زندگي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف رهي.

شعبہ قاعده ۾ جيئن تہ ننڍي عمر جا مدني منا تعليم پرائيندا آهن، ان ڪري انهن جي ذهني سطح جي مطابق اهڙو نصاب پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ ابتدائي ديني معلومات تَعَوُّذ، تَسمِيہ، ثناء مختصر ۽

آسان دعائون، بنيادي عقيدا، پيا ضروري مسئلا، عام معلومات ۾ آسماني ڪتابن، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، اصحاب و اولياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي باري ۾ ابتدائي معلومات موجود آهي.

"اسلام جي بنيادي معلومات" جي پيشڪش مجلس مدرسة المدينہ ۽ مجلس المدينة العلميہ جي طرفان آهي، جڏهن تہ دارالافتاء اهلسنّت وٽان شرعي تفتيش ڪرائي وئي آهي.

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہوجائے
ہر اک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہوجائے

**مجلس مَدرَسَةُ المدينہ ۽ مجلس المدينة العلميہ**

## قرآن ڪريم جا فضائل

اهو قرآن ڪريم الله تعاليٰ جي طرفان ضيافت آهي تہ اوهان پنهنجي استطاعت جي مطابق ان جي ضيافت قبول ڪريو. بيشڪ اهو قرآن مجيد الله تعاليٰ جي مضبوط رسي، نور مبين ۽ نفع بخش شفا آهي، جيڪو انهيءَ کي اختيار ڪندو آهي، ان لاءِ ڍال ۽ جيڪو ان تي عمل ڪندو آهي ان لاءِ هي نجات آهي. اهو حق کان ناهي ڦرندو جو ان جي ازالي لاءِ تڪڙو پوي ۽ هي ٽيڙو رستو ناهي جو ان کي سڌو ڪرڻو پوي. هن جا فائدا ختم ناهن ٿيندا ۽ تلاوت جي ڪثرت جي ڪري پراڻو ناهي ٿيندو (يعني پنهنجي حالت تي قائم رهندو آهي) تہ توهان ان جي تلاوت ڪندا رهو، الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هر حرف جي تلاوت تي ڏهہ نيڪيون عطا فرمائيندو. مان نٿو چوان تہ "الم" هڪ حرف آهي بلڪ "الف" هڪ حرف، "لام" هڪ حرف ۽ "ميم" هڪ حرف آهي.

(المستدرڪ، الحديث: 2084، ج 2، ص 256)


www.dawateislami.net

# حمد باري تعالي[1]


| |
|---|
| تو ہی مالکِ بحر و بر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| تو ہی خالقِ جن و بَشر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| تو اَبدی ہے تو اَزَلی ہے تیرا نام علیم و علی ہے |
| ذات تری سب سے برتر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| وَصف بیاں کرتے ہیں سارے سنگ و شجر اور چاند ستارے |
| تسبیح ہر خشک و تر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| تیرا چرچا گلی گلی ہے ڈالی ڈالی کلی کلی ہے |
| واصف ہر اِک پھول و ثَمر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| خلقت جب پانی کو ترسے رِم جھم رِم جھم بَرکھا بَرسے |
| ہر اِک پر رحمت کی نظر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| رات نے جب سر اپنا چھپایا چڑیوں نے یہ ذِکر سُنایا |
| نغمہ بارِ نسیمِ سحر ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |
| بخش دے تو عطّار کو مولیٰ واسطہ تجھ کو اُس پیارے کا |
| جو کہ نبیوں کا سرور ہے یا اللّٰہُ یا اللّٰہ |



[1] وسائل بخشش ص 42


www.dawateislami.net

# نعتِ مصطفيٰ



| |
|---|
| آنکھوں کا تارا نامِ محمد |
| دل کا اُجالا نامِ محمد |
| دولت جو چاہو دونوں جہاں کی |
| کر لو وظیفہ نامِ محمد |
| نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ |
| سب کا ہے آقا نامِ محمد |
| پائیں مرادیں دونوں جہاں میں |
| جس نے پکارا نامِ محمد |
| پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا |
| میں یہ کہوں گا نامِ محمد |
| اپنے رضاؔ کے قربان جاؤں |
| جس نے سکھایا نامِ محمد |
| اپنے جمیلؔ رضوی کے دل میں |
| آ جا سما جا نامِ محمد |

**(مداحِ حبیب حضرت مولانا جميلُ الرحمٰن رضوي** عَلَيۡهِ رَحمةُ اللّٰهِ القَوِی)


www.dawateislami.net



# اَذكار

## نماز

### ثناء

سُبۡحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ وَتَبَارَكَ اسۡمُكَ
وَتَعَالٰى جَدُّكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيۡرُكَ ط

**ترجمو:** يعني پاڪ آهين تون اي الله عَزَّوَجَلَّ! ۽ آءٌ تنهنجي واکاڻ ڪيان ٿو، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽ توڪان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي.

### تَعَوذ

اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط

**ترجمو:** آءٌ الله تعاليٰ جي پناهہ چاهيان ٿو شيطان مردود کان.

### تَسمِيَہ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

**ترجمو:** الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

# ڪلما



## پهريون ڪلمو طيّب

(طيّب معنيٰ پاڪ)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

ترجمو: الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا رسول آهن.

## ٻيون ڪلمو شهادت

(شهادت معنيٰ گواهي)

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ

وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط

ترجمو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ حضرت محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا ٻانها ۽ رسول آهن.

## ٽيون ڪلمو تَمجِيد

(تَمجِيد معنيٰ بزرگي)

سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اللّٰهُ اَكْبَرُ ط

وَ لَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط


www.dawateislami.net

**ترجمو:** الله پاڪ آهي ۽ سڀ خوبيون الله جي لاءِ آهن ۽ الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ الله سڀ کان وڏو آهي، گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي توفيق الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي طرفان آهي، جيڪو سڀ کان بلند، عَظمت وارو آهي.

# درود شريف

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم :

توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچي ٿو. (سنن ابي داوٗد، الحديث 2042 ج 2 ص 315)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ

درود و سلام هجي اوهان تي اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول

وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ

۽ اوهان جي اولاد ۽ اوهان جي صحابہ تي اي الله عَزَّوَجَلَّ جا حبيب


اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ

درود و سلام هجي اوهان تي اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي

وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

۽ اوهان جي اولاد ۽ اوهان جي صحابہ تي اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نور


# دعائون



## قرآن پاڪ پڙهڻ جي دعا:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط


**ترجمو:** آءٌ الله تعاليٰ جي پناهہ چاهيان ٿو شيطان مردود کان.



## بلنديءَ تي چڙهڻ جي دعا:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي.



## بلنديءَ تان لهڻ جي دعا:

سُبْحٰنَ اللّٰه ط

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ هر عيب کان پاڪ آهي.



## پاڻي پيئڻ کان پهريان جي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

**ترجمو:** الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)



## پاڻي پيئڻ کان پوءِ جي دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط

**ترجمو:** سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جيڪو سڄي جهان وارن جو پالڻهار.


www.dawateislami.net



## کائڻ کان پهريان جي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَعَلٰى بَرَكَةِ اللّٰهِ ط

**ترجمو:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي برڪت سان (کاوان ٿو)



## کائڻ کان پوءِ جي دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ اَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِيْنَ ط

**ترجمو:** الله تعاليٰ جو شڪر آهي جنهن اسان کي کارايو، پياريو ۽ اسان کي مسلمان بڻايو.

(سنن ابي داوٗد ج 3 ص 513 حديث 3850)



## سمهڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيٰى ط

**ترجمو:** الاهي مان تنهنجي نالي تي مران (يعني سمهان) ٿو ۽ تنهنجي نالي تي جيئان (يعني سجاڳ ٿيان) ٿو.

(صحيح البخاري ج 4 ص 193 حديث 6314)

## بيدار ٿيڻ وقت جي دعا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ اَحْيَانَا بَعْدَ مَا اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ط

**ترجمو:** سڀ ساراهه الله تعاليٰ جي لاءِ جنهن اسان کي موت (يعني ننڊ) کانپوءِ حياتي (يعني سجاڳي) عطا فرمائي ۽ اسان کي ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي. (ايضًا)

## مسلمان ڀاءُ سان ملاقات وقت جي دعا:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه ؕ

ترجمو: توهان تي سلامتي هجي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان توهان تي رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين.



## مصافحو ڪندي وقت جي دعا:

يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ ؕ

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ.



## شڪريو ادا ڪندي وقت جي دعا:

جَزَاكَ اللّٰهُ خَيۡرًا ؕ

ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي بهترين بدلو ڏي.


www.dawateislami.net

# ايمانيات

## ايمان ۽ ان جي بيان جا قسم

**سوال:** ايمان چا کي چئبو آهي؟

**جواب:** حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي ربّ وٽان جيڪو ڪجهه کڻي آيا، ان سڀ کي حق سمجهڻ ۽ سچي دل سان مڃڻ کي ايمان چوندا آهن.

**سوال:** ايمان جي بيان جا ڪيترا قسم آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب:** ايمان جي بيان جا ٻہ قسم آهن،اهي هي آهن:

﴿1﴾ ايمان مُجْمَل ﴿2﴾ ايمان مُفَصَّل

**سوال:** ايمان مُجمَل چا کي چوندا آهن؟

**جواب:** ايمان جي اِجمالي (يعني مختصر) بيان کي ايمان مُجْمَل چوندا آهن.

**سوال:** ايمان مُجمَل ۽ ان جو ترجمو ٻڌايو؟

**جواب:**

## ايمان مُجمَل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ كَمَا هُوَ بِاَسْمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلْتُ جَمِيْعَ اَحْكَامِهٖ
اِقْرَارٌ بِاللِّسَانِ وَتَصْدِيْقٌ بِالْقَلْبِ ط

**ترجمو:** مون ايمان آندو اللّٰه تي جيئن هو پنهنجي نالن ۽ پنهنجي صِفتن

سان آهي ۽ مون ان جا سڀ احڪام قبول ڪيا زبان سان اِقرار ڪندي ۽ دل سان تصديق ڪندي.

**سوال**:: ايمان مُفَصَّل ڇا کي چوندا آهن؟
**جواب:** ايمان جي تفصيلي بيان کي ”ايمان مُفَصَّل“ چوندا آهن.
**سوال:** ايمان مُفصّل ۽ ان جو ترجمو ٻڌايو؟
**جواب:**

## ايمان مُفَصّل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ط

**ترجمو:** مون ايمان آندو **الله** تي ۽ ان جي فِرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قِيامت جي ڏينهن تي ۽ ان تي تہ سُٺي ۽ بُري تقدير **الله** جي طرفان آهي ۽ موت کان پوءِ اٿارڻ تي.

## پنجن کي پنجن کان پهريان

**پيارا مدني منّو!** يقيناً زندگي بيحد مختصر آهي، جيڪو وقت ملي ويو، سو ملي ويو، آئنده وقت ملڻ جي اميد ڌوڪو آهي. ڪهڙي خبر آئنده لمحي اسان موت سان هم آغوش ٿي چڪا هجون، رحمتِ عالم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ پنجن شين کي پنجن شين کان پهرين غنيمت ڄاڻو: ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پهريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پهريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پهريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مصروفيّت کان پهريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پهريان. (اَلْمُستَدرَڪ حديث 7916 ج 5 ص 435)


www.dawateislami.net

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ



**سوال:** اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

**جواب:** اسان کي **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ پيدا ڪيو آهي.

**سوال:** زمين، آسمان، چنڊ ۽ تارا ڪنهن بڻايا آهن؟

**جواب:** زمين، آسمان، چنڊ ۽ تارا سڀ **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ بڻايا آهن.

**سوال:** اسان ڪنهن جي عبادت ڪندا آهيون؟

**جواب:** **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ جي.

**سوال:** هر شيء کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟

**جواب:** **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ هر شيء کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو آهي.

**سوال:** ڇا **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ کان ڪا شيء لڪي سگهي ٿي؟

**جواب:** جي نہ! **اللّٰه**عَزَّوَجَلَّ کان ڪا شيء نٿي لڪي سگهي، ان کي هر شيء جو علم آهي.


www.dawateislami.net

# اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ ڇا آهي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ڪهڙي شهر ۾ ٿي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت عرب جي مشهور شهر مڪي شريف ۾ ٿي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙي مهيني ٿي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت 12 ربيعُ الاوّل شريف تي ٿي.


www.dawateislami.net

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ڪهڙي ڏينهن ٿي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت سومر جي ڏينهن ٿي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والد محترم جو نالو ڇا آهي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والد محترم جو نالو حضرت سيدنا **عبدالله** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امڙ سڳوري جو نالو ڇا آهي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امڙ سڳوري جو نالو حضرت سيِّدَتُنا آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا آهي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روضو مبارڪ ڪٿي آهي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روضو مبارڪ مديني شريف ۾ آهي.

**سوال:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري عمر مبارڪ ڪيتري هئي؟

**جواب:** اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري عمر مبارڪ 63 سال هئي.

# اسان جو دين



**سوال:** اسان ڪير آهيون؟

**جواب:** اسان مسلمان آهيون.

**سوال:** اسان جو دين ڪهڙو آهي؟

**جواب:** اسان جو دين اسلام آهي.

**سوال:** مسلمان ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** دين اسلام مڃڻ واري کي مسلمان چئبو آهي.

**سوال:** مسلمان ڪنهن جي عبادت ڪندا آهن؟

**جواب:** مسلمان صرف **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا آهن.

**سوال:** دين اسلام ڇا سيکاري ٿو؟

**جواب:** دين اسلام سچائي، صفائي، ڀلائي ۽ چڱائي سيکاري ٿو.

**سوال:** اسلام جو ڪلمو ڇا آهي؟

**جواب:** اسلام جو ڪلمو هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط

**ترجمو:** **الله** کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، حضرت محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **الله** جا رسول آهن.



www.dawateislami.net

# ارڪانِ اسلام

**سوال:** ارڪان اسلام ڪيترا آهن؟

**جواب:** ارڪان اسلام پنج آهن: ﴿1﴾ هن ڳالھ جي شاهدي ڏيڻ تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، حضرت محمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا خاص ٻانها ۽ رسول آهن. ﴿2﴾ نماز قائم ڪرڻ ﴿3﴾ زڪوٰة ادا ڪرڻ ﴿4﴾ حج ڪرڻ ﴿5﴾ رمضان جا روزا رکڻ.

(صحيح البخاري حديث 8 ج 1 ص 14)

**سوال:** ڏينهن رات ۾ ڪيتريون نمازون فرض آهن؟

**جواب:** ڏينهن رات ۾ پنج نمازون فرض آهن.

**سوال:** پنج فرض نمازن جا نالا ٻڌايو؟

**جواب:** ﴿1﴾ فجر ﴿2﴾ ظهر ﴿3﴾ عصر ﴿4﴾ مغرب ﴿5﴾ عشاء

**سوال:** مسلمانن تي ڪھڙي مهيني جا روزا فرض آهن؟

**جواب:** مسلمانن تي رمضان المبارڪ جا روزا فرض آهن.

**سوال:** حج ڪنهن تي فرض آهي؟

**جواب:** هر صاحب استطاعت مسلمان تي زندگي ۾ هڪ ڀيرو حج ڪرڻ فرض آهي.

**سوال:** حج ڪٿي ادا ڪيو ويندو آهي؟

**جواب:** حج مڪي شريف ۾ ادا ڪيو ويندو آهي.

# ملائڪ

**سوال:** ملائڪ ڪير آهن؟

**جواب:** ملائڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نوري مخلوق آهي.

**سوال:** ملائڪ ڇا ڪندا آهن؟

**جواب:** ملائڪ اهو ئي ڪندا آهن جنهن جو **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن کي حڪم ڏيندو آهي.

**سوال:** ملائڪن جا سردار ڪير آهن؟

**جواب:** ملائڪن جا سردار حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام آهن.

**سوال:** ملائڪن جو تعداد ڪيترو آهي؟

**جواب:** ملائڪن جو تعداد **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي بهتر ڄاڻي ٿو.

**سوال:** ملائڪن جي غذا ڇا آهي؟

**جواب:** ملائڪن جي ڪا غذا ناهي، اهي نہ ڪجھ کائن ٿا نہ ئي ڪجھ پيئن ٿا.

## جنت ماءُ جي قدمن هيٺان آهي

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي مڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنت مائرن جي قدمن هيٺان آهي. (ڪنزالعمال ج 16 حديث 45431 ص 192)


www.dawateislami.net



# انبياءِ مُرسلين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام

**سوال:** نبي ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** جنهن انسان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ هدايت جي لاءِ وحي موڪلي هجي ان کي نبي چوندا آهن.

**سوال:** **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان پهريان ڪهڙي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو؟

**جواب:** **الله** عَزَّوَجَلَّ سڀ کان پهريان حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو.

**سوال:** دنيا ۾ آخري ڪهڙا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف فرما ٿيا؟

**جواب:** دنيا ۾ سڀ کان آخري نبي اسان جا پيارا آقا حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا.

**سوال:** ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪو نبي پيدا ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي نہ! اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪو نبي


www.dawateislami.net

پيدا نٿو ٿي سگھي.

**سوال:** جيڪڏھن ڪو نبي ھئڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪري تہ ان کي ڇا چوندا آھن؟

**جواب:** جيڪڏھن ڪو نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪري تہ ان کي ”ڪذّاب“ چوندا آھن.

**سوال:** ڇا سيئي نبي سڳورا عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنھنجي قبرن ۾ زنده آھن؟

**جواب:** جي ھا.

**سوال:** سيني نبين جا سردار ڪير آھن؟

**جواب:** سيني نبين جا سردار اسان جا پيارا آقا حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھن.

**سوال:** اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ”**ڪنزالايمان**“ ۾ نبي جي ڇا معنيٰ لکي آھي؟

**جواب:** غيب جي خبر ڏيندڙ.

**سوال:** ڪجھ نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا نالا مبارڪ ٻڌايو؟

**جواب:**

حضرت سيدنا آدم عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت سيدنا نوح عَلَيۡهِ السَّلَام

حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام

حضرت سيدنا داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت سيدنا سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام


اسان جا پيارا آقا حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم


www.dawateislami.net

# انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام جا مُعجزا

**سوال:** معجزو ڇا کي چئبو آهي؟

**جواب:** نبوت جي اعلان کان پوءِ نبي کان خلاف عادت ظاهر ٿيڻ واري فعل کي معجزو چوندا آهن.



**سوال:** ڪهڙا نبي سڳورا هٿ ۾ لوهه ڪٽندا هئا ته لوهه ميڻ جيان نرم ٿي ويندو هو؟

**جواب:** حضرت سيدنا داوٗد عَلَيْهِ السَّلَام هٿ ۾ لوهه ڪٽندا هئا ته اهو ميڻ جيان نرم ٿي ويندو هو.



**سوال:** ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي عصا (يعني لٺ) هڻڻ سان درياءُ جي وچ ۾ رستو ٺهجي ويو؟

**جواب:** حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصا هڻڻ سان درياءُ جي وچ ۾ رستو ٺهجي ويو.

**سوال:** ڪهڙا نبي سڳورا عَلَيْهِ السَّلَام ٽن ميلن جي مفاصلي تان ماڪوڙي جو آواز ٻڌي مرڪيا هئا؟




**جواب:** حضرت سيدنا سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ٽن ميلن جي مفاصلي تان ماڪوڙي جو آواز ٻڌي مرڪيا هئا.



**سوال:** اها جنتي ڏاچيءَ ڪهڙي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي هئي جيڪا پنهنجي واري تي تلاءُ جو سمورو پاڻي پي ويندي هئي؟

**جواب:** اها جنتي ڏاچيءَ حضرت سيدنا صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي هئي جيڪا پنهنجي واري تي تلاءُ جو سمورو پاڻي پي ڇڏيندي هئي.

# آسماني ڪتاب

**سوال:** ڪهڙن ڪتابن کي آسماني ڪتاب چيو ويندو آهي؟

**جواب:** الله عَزَّوَجَلَّ جي نازل ڪيل ڪتابن کي آسماني ڪتاب چيو ويندو آهي.

**سوال:** آسماني ڪتاب ڪنهن تي نازل ٿيا؟

**جواب:** آسماني ڪتاب نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام تي نازل ٿيا.

**سوال:** آسماني ڪتاب ڇو نازل ڪيا ويا؟

**جواب:** آسماني ڪتاب انسانن جي هدايت ۽ رهنمائي جي لاءِ نازل ڪيا ويا آهن.

**سوال:** مشهور آسماني ڪتاب ڪهڙا آهن؟

**جواب:** ﴿1﴾ توريت ﴿2﴾ زَبور
﴿3﴾ اِنجيل ﴿4﴾ قرآن مجيد.

## خُلقِ اسلام

اسلام ۾ حياء کي تمام وڏي اهميّت حاصل آهي. جيئن تہ حديث شريف ۾ آهي: ”بيشڪ هر دين جو هڪ خُلق آهي ۽ اسلام جو خُلق حياء آهي.“ (سنن ابن ماجہ حديث 4181 ج 4، ص 460) يعني هر اُمت جي ڪا نہ ڪا خاص خَصلت هوندي آهي، جيڪا ٻين خصلتن تي غالب هوندي آهي ۽ اسلام جي اها خصلت حياء آهي.



## صحابہ كرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان

**سوال:** صحابي كنهن كي چوندا آهن؟

**جواب:** جنهن حضور اكرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم كي ايمان جي حالت ۾ ڏٺو ۽ ان جو ايمان تي ئي خاتمو ٿيو ان كي صحابي چوندا آهن.

**سوال:** خلفاءِ راشدين مان كهڙا صحابہ كرام مراد آهن؟

**جواب:** مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري كان پوءِ بالترتيب جيكي چار صحابہ كرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مسلمانن جا امير بڻيا انهن كي "خلفاءِ راشدين" چيو ويندو آهي.

**سوال:** خلفاءِ راشدين جا نالا ٻڌايو؟

**جواب:** ﴿1﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا ابوبكر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿2﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿3﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ

﴿4﴾ امير المؤمنين حضرت سيدنا عليُّ المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ


www.dawateislami.net

**سوال:** چند صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا نالا ٻڌايو؟

**جواب:** چند صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا نالا هي آهن:

﴿1﴾ حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا

﴿2﴾ حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا

﴿3﴾ حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿4﴾ حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿5﴾ حضرت سيدنا امام حسن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

﴿6﴾ حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ

## جنت ۾ وڻ لڳايو!

پيارا مدني منو! وقت جي اهميّت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو، جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ هن دنيا ۾ رهندي صرف هڪ سيڪنڊ ۾ جنت ۾ هڪ وڻ لڳرائي سگهو ٿا ۽ جنت ۾ وڻ لڳائڻ جو طريقو بہ نهايت آسان آهي، ”ابن ماجہ“ جي هڪ حديث پاڪ جي مطابق انهن چئن ڪلمات مان جيڪو بہ هڪ ڪلمو چوندو، جنت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو، اهي ڪلمات هي آهن: {1} سُبۡحٰنَ اللّٰہ {2} اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ {3} لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ {4} اَللّٰہُ اَکۡبَر

(سنن ابن ماجہ ج 4 ص 252 حديث 3807)



# اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام

**سوال:** وليُّ الله ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** پنهنجي خواهشات کي **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ فنا ڪرڻ ۽ هميشه انهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ واري مسلمان ٻانهي کي **وليُّ الله** چيو ويندو آهي.

**سوال:** چند ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ تعالي جا نالا ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو انهن جون مزارون ڪٿي آهن؟

**جواب:** جنت جي 8 دروازن جي نسبت سان 8 ولين سڳورن جا نالا ۽ سندن مزارون بيان ڪجن ٿيون:

﴿1﴾ حضرت سيِّدنا شيخ عبدالقادر جيلاني (غوث اعظم) رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سندن مزار شريف عراق جي شهر ”بغداد شريف“ ۾ آهي.


www.dawateislami.net

﴿2﴾ حضرت سيدنا معين الدين چشتي (خواجہ غريب نواز) رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار شريف هِند جي شهر ”اجمير شريف“ ۾ آهي.

﴿3﴾ حضرت سيدنا شيخ شهابُ الدّين سهروردي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار ايران جي شهر ”سُهروَرد شريف“ ۾ آهي.

﴿4﴾ حضرت سيدنا شيخ بهاءُ الدين نقشبند رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار شريف ازبڪستان جي شهر ”بخارا“ ۾ آهي.

﴿5﴾ حضرت سيدنا علي هجويري (داتا گنج بخش) رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر مرڪزُ الاولياء ”لاهور“ ۾ آهي.

﴿6﴾ حضرت سيدنا بهاءُ الدين زڪريا ملتاني رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر مدينةُ الاولياء ”ملتان“ ۾ آهي.

﴿7﴾ حضرت سيدنا بابا فريد الدين گنج شڪر رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه
سندن مزار شريف پاڪستان جي شهر ”پاڪ پتن شريف“ ۾ آهي.

﴿8﴾ حضرت سيدنا امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن
سندن مزار شريف هِند جي شهر ”بريلي شريف“ ۾ آهي

## پاڪيزگي ۽ طهارت

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پاڪائي نصف ايمان آهي.
(صحيح مسلم الحديث 223 ص 140)

# عبادات

## وضو

**سوال:** وَضو ۾ گهڻا فرض آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

**جواب:** وضو ۾ چار فرض آهن ۽ اُهي هي آهن:

لفظ "الله" جي چئن اکرن جي نسبت سان وضو جا چار فرض:

**﴿1﴾ منهن ڌوئڻ ﴿2﴾ ٺونٺين سميت ٻانهون ڌوئڻ**

**﴿3﴾ چوٿائي مٿي جو مَسح ڪرڻ ﴿4﴾ پيڏين سميت ٻئي پير ڌوئڻ**

(نماز جا احڪام ص 10)



**سوال:** وضو ڪرڻ کان پهريان ڇا پڙهڻ گهرجي؟

**جواب:** وضو ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهڻ سنت آهي.

**سوال:** وضو ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ جي فضيلت ڇا آهي؟

**جواب:** جنهن وضو ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُلِلّٰه پڙهيو ته جيستائين باوضو رهندو، ملائڪ نيڪيون لکندا رهندا.

(مجمع الزوائد ج 1 ص 513 رقم الحديث 112)

**سوال:** وضو جي دوران {يَا قَادِرُ} پڙهڻ جي فضيلت ڇا آهي؟

**جواب:** جيڪو شخص وضو جي دوران {يَا قَادِرُ} پڙهندو ان کي دشمن اِغوا نه ڪري سگهندو.

## وضو سان گناهه ختم ٿيندا آهن

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

جڏهن انسان وضو ڪندو آهي ته هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا ۽ چهرو ڌوئڻ سان چهري جا ۽ مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناهه ختم ٿي ويندا آهن.

(المسند للامام احمد بن حنبل حديث 415 ج 1 ص 130 ملتقطا)


www.dawateislami.net



# نماز

**سوال:** ڇا مدني مُنن کي بہ نماز پڙهڻ گهرجي؟

**جواب:** جي ها! مدني منن کي بہ نماز پڙهڻ گهرجي.

**سوال:** نماز جا ڪيترا شرط آهن؟

**جواب:** نماز جا ڇهہ شرط آهن.

**سوال:** نماز ۾ ڪيترا فرض آهن؟

**جواب:** نماز ۾ ست فرض آهن.

**سوال:** فجر نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** فجر نماز ۾ 4 رڪعتون آهن: بہ سنّت مُؤَڪَّده.......بہ فرض.

**سوال:** ظهر نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** ظهر نماز ۾ 12 رڪعتون آهن: چار سنّت مُؤَڪَّده..... چار فرض........ بہ سنّت مُؤَڪَّده..........بہ نفل.

**سوال:** عصر نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** عصر ۾ 8 رڪعتون آهن: چار سنتِ غير مُؤَڪَّده... چار فرض.

**سوال:** مغرب نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** مغرب نماز ۾ 7 رڪعتون آهن: ٽي فرض......... بہ سنّت مُؤَڪَّده ........ بہ نفل.

**سوال:** عشاء نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون آهن ۽ ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** عشاء نماز ۾ 17 رڪعتون آهن: چار سنت غير مؤڪده..... چار فرض........ بہ سنّت مُؤَڪَّده.......بہ نفل...... ٽي وتر واجب..... بہ نفل.


www.dawateislami.net

# سٺيون سٺيون نيّتون

## ”تلاوت جي فضيلت“ جي 12 اکرن جي نسبت سان
## قرآن ڪريم جي تلاوت جون 12 سٺيون نيتون



﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ ثواب جي نيت سان قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪندس.

﴿2﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن ڪريم جو ادب ۽ احترام ڪندس.

﴿3﴾ قرآني حڪم موجب مدني قاعدي ۾ قرآني آيتن ۽ قرآن پاڪ کي باوضو هٿ لڳائيندس.

﴿4﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن شريف کي تعظيم جي نيت سان چمندس.

﴿5﴾ گهر ۾ بہ تلاوت جي عادت بڻائيندس.

﴿6﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سڄي زندگي آهستي آهستي ۽ درست مَخارج سان قرآن شريف جي تلاوت ڪندس.


www.dawateislami.net

﴿7﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن شريف جي تلاوت جو ثواب پنهنجي پِير و مُرشد، استادن، والدين ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت کي ايصال ڪندس.

﴿8﴾ قرآن شريف جي احڪامن تي سچي زندگي عمل ڪندس.

﴿9﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن شريف تي غير ضروري نشان نہ لڳائيندس.

﴿10﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن شريف کي شهيد ٿيڻ کان بچائيندس.

﴿11﴾ مدني قاعدي ۽ قرآن شريف کي مٽي ۽ دز وغيره کان بچائڻ جي لاءِ غلاف ۾ رکندس.

﴿12﴾ (نگاهون هيٺ رکڻ واري سنّت تي عمل ڪندي) تلاوت جي دوران هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کان بچندس. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

## علم حاصل ڪرڻ سان گناهہ ختم ٿيندا آهن

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو ٻانهو علم جي تلاش ۾ جُتي يا موزا يا ڪپڙا پائيندو آهي، پنهنجي گهر جي چائنٺ کان ٻاهر نڪرندي ئي ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن.

(المعجم الاوسط الحديث 5722 ج 4 ص 204)

## مَدينه مَدينه ہمارا مَدينه[1]



مدینہ مدینہ ہمارا مدینہ
ہمیں جان و دل سے ہے پیارا مدینہ
سہانا سہانا دل آرا مدینہ
دِوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ

یہ ہر عاشقِ مصطفٰی کہہ رہا ہے
ہمیں تو ہے جنت سے پیارا مدینہ

وہاں پیارا کعبہ یہاں سبز گنبد
وہ مکہ بھی میٹھا تو پیارا مدینہ

بُلا لیجئے اَپنے قدموں میں آقا
دِکھا دیجئے اَب تو پیارا مدینہ

پھروں گرد کعبہ پیوں آبِ زم زم
میں پھر آ کے دیکھوں تمہارا مدینہ

خدا گر قیامت میں فرمائے مانگو
لگائیں گے دیوانے نعرہ مَدینہ

مَدینے میں آقا ہمیں موت آئے
بنے کاش! مدفن ہمارا مدینہ

ضِیا پیر و مرشِد کے صَدقے میں آقا
یہ عطار آئے دوبارہ مَدینہ

[1] وسائل بخشش ص 187


www.dawateislami.net

# مدني گل

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة المصابيح حديث 175 ج 1 ص 55)

# سلام ڪرڻ جا مدني گل

- هر مسلمان کي سلام ڪرڻ گهرجي.
- مسلمان سلام ڪري ته ان جو جواب ڏيو.
- سلام جا بهترين لفظ هي آهن:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه

- سلام جي جواب جا بهترين لفظ هي آهن:

وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه

- سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري تي 90 ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. (الجامع الصغير الحديث 487 ملخصا)
- سلام بلند آواز سان ڪرڻ گهرجي.
- سلام جو جواب فوراً ڏيڻ واجب آهي.
- سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنت مبارڪ آهي.


www.dawateislami.net

۞ ننڍو وڏي کي سلام ڪري.
۞ گهر ۾ ايندي ويندي سلام ڪرڻ سنت آهي.
۞ جڏهن جڏهن ملاقات ٿئي سلام ڪرڻ گهرجي.

## پاڻي پيئڻ بابت مدني گل

۞ پاڻي ويهي ڪري پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي سوجهري ۾ ڏسي پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي ساڄي هٿ سان پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي مٽو ڏڪي پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ڪري پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ پڙهڻ گهرجي.
۞ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي ٻئي چپ ملائي آهستي آهستي پيئڻ گهرجي.
۞ پاڻي پيئڻ دوران قطرا ڪِرڻ کان بچائڻ گهرجي.
۞ بچيل پاڻي نہ هارڻ گهرجي.

۞ ۞ ۞

# ماني کائڻ جا مدني گل

❁ کاڌي کان پهريان ۽ بعد ۾ هٿ ڪارائين تائين ڌوئڻ سنت آهي ۽ گرڙيون ڪري وات جو اڳيون حصو پڻ ڌوئڻ گهرجي.

(سنن ابن ماجہ، حديث 3260، ج 4 ص 9)

❁ ماني سنت مطابق ويهي کائڻ گهرجي، هڪ سنت اها بہ آهي: ساڄو پير اُڀو ڪيو ۽ کابو پير وڇائي ان تي ويهي رهو.

(بهار شريعت حصہ 16 ج 3 ص 378)

❁ ماني ساڄي هٿ جي ٽن آڱرين (آڱوٺي، شهادت واري آڱر ۽ وچ واري آڱر) سان کائڻ گهرجي. (مرقاۃ ج 8 ص 8)

❁ کائڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهڻ سنت آهي.

(صحيح مسلم، حديث 2017 ص 1116)

❁ ماني ننڍا ننڍا گرھ ناهي چڱي نموني چٻاڙي کائڻ گهرجي.

❁ کائڻ کان پوءِ ٿانوَ سٺي نموني صاف ڪريو.

❁ کائڻ کان پوءِ "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ" چوڻ گهرجي.

❁ جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ اللّٰه يا دعا پڙهڻ پلجي وڃو تہ ياد اچڻ تي اها دعا پڙهو: بِسۡمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ (سنن ابي داؤد الحديث 3767 ج 3 ص 487)

❁ ماني کابي هٿ ۾ ڪٽي ساڄي هٿ سان ٽوڙيو.

- ڪاڏو ضرورت کان وڌيڪ نہ ڪٽو ۽ ڪِرڻ کان پڻ بچايو.
- ماني جا ٽڪر يا ڇانور ڪري پون تہ ڪٽي کائي وٺو ڇوتہ مغفرت جي بشارت آهي.
- ماني کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئي چڱي طرح صاف ڪريو.

❁ ❁ ❁

# نِڇ جا مدني گل

- نڇ اچڻ وقت مٿو جهڪايو، وات تي هٿ ڏيو ۽ آواز آهستي ڪيو.
- نڇ اچڻ تي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" چوڻ سنت آهي.
- ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ جواب ۾ "يَرْحَمُکَ اللّٰه" چوي.
- جواب ٻڌي نڇ ڏيڻ وارو چوي "يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَکُمْ"

❁ ❁ ❁

# اوٻاسي جا مدني گل

- حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ڪنهن کي اوٻاسي ايندي آهي تہ شيطان کلندو آهي. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226)
- اوٻاسي شيطان جي طرفان آهي، جيستائين ٿي سگهي ان کي روڪڻ گهرجي. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226)


www.dawateislami.net

❁ اوٻاسي اچڻ لڳي تہ کاٻي هٿ جي پٺي وات تي رکڻ گهرجي.

❁ اوٻاسي روڪڻ جو مُجَرَّب طريقو هي آهي تہ دل ۾ خيال ڪري تہ نبيّن سڳورن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪي اوٻاسي نہ ايندي هئي.

(بهار شريعت، جلد 1 حصو 3 ص 538)

❁ ❁ ❁

# نَنهن ڪٽڻ بابت مدني گل

❁ وڏا ننهن شيطان جي نشست گاهہ يعني شيطان انهن تي ويهندو آهي.

(ڪيمياءِ سعادت ج 1 ص 168)

❁ ننهن ڏندن سان ڪترڻ مڪروهہ آهن ۽ ائين ڪرڻ برص جو سبب آهي.

(ردالمحتار، ج 9 ص 668)

❁ پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي.

❁ پوءِ کاٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو.

❁ آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو.

❁ ❁ ❁


www.dawateislami.net

# اخلاقيات

## چڱاءِ برا ڪم

۞ والدين ۽ وڏن سان هميشہ ادب و احترام سان پيش اچڻ گهرجي.
۞ والدين سان وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ بي ادبي آهي.
۞ جڏهن والدين اچن تہ انهن جي ادب ۾ اٿي بيهڻ گهرجي.
۞ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو والد صاحب جا هٿ ۽ امڙ سائڻ جا پير چمڻ گهرجن.
۞ والدين جو چيل هر جائز ڪم خوش دلي سان ڪرڻ گهرجي.
۞ هر نماز کان پوءِ والدين، پيرو مرشد ۽ استاد صاحب جي لاءِ سنيون سنيون دعائون ڪيو.
۞ ڪوڙ ڳالهائڻ تمام وڏو گناھ آهي.
۞ گار ڏيڻ ناجائز ۽ گناھ آهي.
۞ چوري ڪرڻ بہ وڏو گناھ آهي.
۞ ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏيڻ گناھ آهي.
۞ مسجد ۾ گوڙ ڪرڻ ۽ کِلڻ منع آهي.
۞ غيبت حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.
۞ چغل خور جنّت ۾ نہ ويندو.
۞ جيڪو چُپ رهيو ان ڇوٽڪارو ماٽيو.

# مدني مهينا

## اسلامي مهينن جا نالا

**سوال:** مدني مهينا (اسلامي مهينا) ڪيترا ۽ ڪهڙا آهن؟

**جواب:** مدني مهينا (اسلامي مهينا) ٻارهن آهن ۽ اهي هي آهن:

﴿1﴾ مُحَرَّمُ الْحَرَام

﴿2﴾ صَفَرُ الْمُظَفَّر

﴿3﴾ رَبِيْعُ الْاَوَّل(رَبِيعُ النُّور)

﴿4﴾ رَبِيْعُ الْاٰخِر (رَبِيعُ الغوث)

﴿5﴾ جُمَادَي الْاُوْلٰي

﴿6﴾ جُمَادَي الْاُخْرٰي

﴿7﴾ رَجَبُ الْمُرَجَّبْ

﴿8﴾ شَعْبَانُ الْمُعَظَّم

﴿9﴾ رَمَضَانُ الْمُبَارَك

﴿10﴾ شَوَّالُ الْمُكَرَّم

﴿11﴾ ذُوالْقَعْدَةِ الْحَرَام

﴿12﴾ ذُوالْحِجّةِ الْحَرَام

# دعوتِ اسلامي

## بنيادي معلومات




**سوال:** تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ جو نالو ٻڌايو؟

**جواب:** دعوت اسلامي.

**سوال:** دعوت اسلامي جي باني جو نالو ٻڌايو؟

**جواب:** امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه.

**سوال:** دعوت اسلامي جو مدني مقصد ڇا آهي؟

**جواب:** دعوت اسلامي جو مدني مقصد اهو آهي: مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ

**سوال:** دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز جو نالو ڇا آهي ۽ اهو ڪٿي آهي؟

**جواب:** دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز جو نالو "فيضانِ مدينہ" آهي ۽ اهو باب المدينہ (ڪراچي) ۾ آهي.

**سوال:** قرآن و حديث کان پوءِ (اردو) اسلامي ڪتابن ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪتاب ڪهڙو آهي؟

**جواب:** هڪ اندازي جي مطابق قرآن و حديث کان پوءِ (اردو) اسلامي ڪتابن ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪتاب "فيضانِ سنّت" آهي.

**سوال:** ڪتاب "فيضانِ سنّت" جي مُؤلِّف جو نالو ڇا آهي؟

**جواب:** شيخ طريقت، امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه


www.dawateislami.net

# مَنقبت عَطار

## عطّاری ہوں عطّاری

تیرا کرم ہے ذاتِ باری عطاری ہوں عطاری
نسبت کیا ہے پیاری پیاری عطاری ہوں عطاری

آقا دے دو بے قراری عطاری ہوں عطاری
کرتا رہوں میں اشکباری عطاری ہوں عطاری

آقا سن لو عرض ہماری عطاری ہوں عطاری
پوری کروں میں ذمہ داری عطاری ہوں عطاری

آقا تیرے صدقے واری عطاری ہوں عطاری
نازاں ہوں نسبت پہ ہماری عطاری ہوں عطاری

میں ہوں ضیائی میں ہوں رضوی سگ ہوں غوثِ پاک کا
قادری ہوں قادری عطاری ہوں عطاری

درس و بیاں سے کیوں گھبراؤں کیا ڈر کیا خوف ہو
کیوں ہو کسی کا رعب طاری عطاری ہوں عطاری

دیتا رہوں نیکی کی دعوت چاہتا ہوں استقامت
گزرے یوں ہی عمر ساری عطاری ہوں عطاری


www.dawateislami.net

پیارے آقا بخشوانا نارِ دوزخ سے بچانا
عصیاں کا ہے بوجھ بھاری عطاری ہوں عطاری
میں بھی دیکھوں مکہ مدینہ مرشد تیری آنکھوں سے
کب آئے گی میری باری عطاری ہوں عطاری
روضۂ اقدس منبر نور میں بھی دیکھوں کاش! حضور
پیاری دکھا جنت کی کیاری عطاری ہوں عطاری
میٹھے مرشد میٹھا حرم ہو مولا اب تو ایسا کرم ہو
حسرت نکلے پھر تو ہماری عطاری ہوں عطاری
میرے باپا میرے داتا بھر دو میرا بھی تم کاسہ
فیض تیرا ہے جگ پہ جاری عطاری ہوں عطاری
دیدو مرشد قفل مدینہ باپا عطا ہو فکر مدینہ
میں ہوں منگتا میں ہوں بھکاری عطاری ہوں عطاری


## شڪريہ

**فرمان مصطفي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

**جنهن ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪيو ان الله** عَزَّوَجَلَّ **جو شڪر ادا نہ ڪيو.** (سنن ترمذي حديث 1962 ج 3 ص 384)


www.dawateislami.net

# وِردِ ۽ وظيفا



﴿1﴾ تَسۡبِيۡحِ فَاطِمَہ

هر نماز کان پوءِ 33 ڀيرا سُبۡحٰنَ اللّٰهِ 33 ڀيرا اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ ۽ 34 ڀيرا اَللّٰهُ اَكۡبَرُ پڙهو.

﴿2﴾ يَا سَلَامُ

111 ڀيرا پڙهي ڪري بيمار تي دم ڪريو انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

﴿3﴾ يَا وَهَّابُ

جيڪو روزانو ست ڀيرا پڙهندو، ان جي هر دعا قبول ٿيندي.

﴿4﴾ يَا عَظِيۡمُ

ست ڀيرا پڙهي پاڻي تي دم ڪري پيئڻ سان پيٽ جو سور ختم ٿي ويندو آهي.


www.dawateislami.net

﴿5﴾ يَا مُجِيْبُ

ٿي پيرا پڙهي دم ڪريو انشآءَالله عَزَّوَجَلَّ مٿي جو سور ختم ٿي ويندو.

﴿6﴾ يَا قَوِىُّ

پنجن نمازن کان پوءِ ساجو هٿ مٿي تي رکي يارهن پيرا پڙهو، حافظو مضبوط ٿيندو.

# درود شريف

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو درود پاڪ پڙهندو آهي ان تي رحمت جا 70 دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع ص 277)

اَللّٰهُمَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ


**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

جنهن اهو درود شريف پڙهيو انهيءَ لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (مجمع الزوائد الحديث 17304 ج 10 ص 254، المسند للامام احمد بن حنبل الحديث 16988 ج 6 ص 46)

# منقبتِ غوث اعظم

## اَسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم[1]

اسیروں کے مشکل کشا غوثِ اعظم
فقیروں کے حاجت روا غوثِ اعظم




گھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا
مدد کے لئے آؤ یا غوثِ اعظم

ترے ہاتھ میں ہاتھ میں نے دیا ہے
ترے ہاتھ ہے لاج یا غوثِ اعظم

مریدوں کو خطرہ نہیں بحرِ غم سے
کہ بیڑے کے ہیں ناخُدا غوثِ اعظم

زمانے کے دکھ درد کی رنج و غم کی
ترے ہاتھ میں ہے دوا غوثِ اعظم

نکالا ہے پہلے تو ڈوبے ہوؤں کو
اور اب ڈوبتوں کو بچا غوثِ اعظم

مری مشکلوں کو بھی آسان کیجے
کہ ہیں آپ مشکل کشا غوثِ اعظم

کھلا دے جو مرجھائی کلیاں دلوں کی
چلا کوئی ایسی ہوا غوثِ اعظم


کہے کس سے جا کر حسنؔ اپنے دل کی
سنے کون تیرے سوا غوثِ اعظم

---

1 ذوق نعت ص 124، 128


www.dawateislami.net

# مناجات



## مَحَبّت میں اپنی گُما یاالٰہی [1]

محبت میں اپنی گما یاالٰہی
نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی

رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں
پلا جام ایسا پلا یا الٰہی

میں بے کار باتوں سے بچ کر ہمیشہ
کروں تیری حمد و ثنا یا الٰہی

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یا خدایا الٰہی

گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی
مرا حشر میں ہوگا کیا یاالٰہی

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یا الٰہی

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی


---

1 وسائل بخشش ص 45


www.dawateislami.net

# صلوٰۃ و سلام

## مُصطَفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام



مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام
شمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

ہم غریبوں کے آقا پہ بے حد دُرود
ہم فقیروں کی ثروت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

دور و نزدیک کے سننے والے وہ کان
کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

جس کے ماتھے شَفاعت کا سہرا رہا
اُس جَبِینِ سعادت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

جس کے سجدے کو محرابِ کعبہ جُھکی
اُن بھنوؤں کی لطافت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

جس طرف اُٹھ گئی دَم میں دَم آگیا
اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

پتلی پتلی گل قُدس کی پتیاں
اُن لبوں کی نزاکت پہ لاکھوں سلام


www.dawateislami.net

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اُس تبسّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

کل جہاں ملک اور جَو کی روٹی غِذا
اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

جس سہانی گھڑی چمکا طیبہ کا چاند
اُس دِل اَفروز ساعت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

غوثِ اعظم اِمامُ التُّقٰی وَ النُّقٰی
جلوۂ شانِ قدرت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

کاش محشر میں جب اُن کی آمد ہو اور
بھیجیں سب اُن کی شوکت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

مجھ سے خدمت کے قُدسی کہیں ہاں رضاؔ
مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام

❁ ❁ ❁

فیض سے جن کے لاکھوں عمامے سجے میرے شیخِ طریقت پہ لاکھوں سلام
جس نے نیکی کی دَعوت کا جذبہ دیا اُس اَمیرِ اہلسنّت پہ لاکھوں سلام



# دعا جا آداب

۞ دعا کان پهريان الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد و ثنا (ساراهه) بيان ڪرڻ گهرجي.

جيئن: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ

۞ دعا جي ابتدا ۽ آخر ۾ درود پاڪ پڙهڻ سان دعا قبول ٿيندي آهي.

جيئن اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

۞ دعا گهرڻ دؤران نگاهون هيٺ رکڻ گهرجن.

۞ دعا گهرڻ دوران هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سان نظر ڪمزور ٿيڻ جو انديشو آهي.

۞ دعا ۾ ٻئي هٿ اهڙي طرح مٿي ڪڍو جو سيني جي سڌ ۾ هجن.

۞ دعا گهرڻ وقت هٿ جي ترين جو رخ آسمان ڏانهن هئڻ گهرجي.

۞ ۞ ۞


www.dawateislami.net

# دعاءِ ماثوره

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ط

ترجموڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

❁ ❁ ❁

اَللّٰهُمَّ رَبِّ زِدْنِىْ عِلْمًا ط

ترجمو: اي الله منهنجي علم ۾ اضافو فرما.

❁ ❁ ❁

## ٿوري احسان جو شڪريو

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

جنهن ٿوري احسان جو شڪريو ادا نہ ڪيو ان گهڻي جو بہ شڪر نہ ڪيو. (المسند للامام احمد بن حنبل حديث 18477 ج 6 ص 394)

# ماخذ و مراجع

(1) قرآن مجيد: كلام بارى تعالىٰ، ضياءالقران پبلى كيشنز لاهور
(2) صحيح البخارى: امام محمد اسماعيل بخارى متوفى 256ھ، دارالكتب العلمية بيروت
(3) صحيح مسلم: امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشيرى متوفى 261ھ، دار ابن حزم بيروت
(4) سنن ابى داوٗد: امام ابو داود سليمان بن اشعث متوفى 275ھ، داراحياء التراث العربى
(5) سنن ابن ماجه: امام ابو عبد الله محمد بن يزيد القزوينى متوفى 273ھ، دارالفكر بيروت
(6) المسند للامام احمد بن حنبل: امام احمد بن حنبل متوفى 241ھ دارالفكر بيروت
(7) الجامع الصغير: امام جلال الدين سيوطى متوفى 911ھ، دارالكتب العلميه بيروت
(8) مجمع الزوائد: حافظ نورالدين على بن ابوبكر هيثمى متوفى 807ھ ، دارالفكر بيروت
(9) مشكوٰة المصابيح: شيخ محمد بن عبدالله الخطيب التبريزى متوفى 741ھ، دارالكتب العلميه بيروت
(10) مرقاة المفاتيح: الامام الشيخ على بن سلطان محمد القارى 1014ھ، دارالفكر بيروت
(11) كيمياء سعادت: امام محمد بن احمد الغزالى متوفى 505ھ،
(12) القول البديع :حافظ محمد بن عبد الرحمن السخاوى متوفى 902ھ، مؤسسة الريان
(13) ردالمحتار: علامه ابن عابدين الشامى متوفىٰ 1252ھ ، دارالمعرفه بيروت
(14) بهار شريعت: صدرالشريعه مفتى امجد على اعظمى متوفى 1376ھ ، ضياءالقرآن پبليكيشنز لاہور
(15) نماز جا احكام: اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادرى، مكتبة المدينه كراچى
(16) حدائق بخشش: اعلحضرت امام احمد رضا خان متوفى 1340ھ، مكتبة المدينه باب المدينه كراچى
(17) ذوقِ نعت: مولانا حسن رضا خان متوفى 1326
(18) وسائل بخشش: اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادرى، مكتبة المدينه كراچى

# بسم اللّٰه شريف جون برڪتون ۽ فائدا

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1434 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضان سنت“ جي صفحي 135 کان 136 تي شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

جيڪو سمهڻ وقت بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط 21 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي، اهو ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان رات شيطان، چوري، اوچتي موت ۽ هر طرح جي آفت ۽ مصيبت کان محفوظ رهندو.

جيڪو ڪنهن ظالم جي سامهون بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط 50 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي تہ ان ظالم جي دل ۾ پڙهڻ واري جي هيبت پيدا ٿيندي ۽ ان جي شرّ کان محفوظ رهندو.

جيڪو شخص سج اُڀرڻ جي وقت سج جي طرف منهن ڪري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط 300 ڀيرا ۽ (ڪو بہ) درود شريف 300 ڀيرا پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتي ان جو گمان بہ نہ هوندو ۽ (روزانو پڙهڻ سان) ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ هڪ سال جي اندر اندر امير و ڪبير ٿي ويندو.

ڪُند ذهن جيڪڏهن بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط 786 ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي تہ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو ۽ جيڪا ڳالهہ ٻُڌندو ياد رهندي. (شمس المعارف ص 73)


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ **"مدني انعامات"** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **"مدني قافلن"** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ




www.dawateislami.net

MAKTABA TUL MADINAH

MC 1286

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net